SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 2001

SINDH ORDINANCE NO.V OF 2001

سنڌ خانگي طبي تعليم جا ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001

THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Authority

4. اڳواٽ موجود اداري جي قيام يا جاري رکڻ کان منع
Prohibition against establishing or continuing an existing institution

5. ادارو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ جي اجازت
Permission of establishing or continuing an institution

6. پڇاڳاچا ۽ اٿارٽي طرفان سفارش
Enquirer by and recommendation of the Authority

7. اسڪيم جي منظوري يا رد ڪرڻ

Approval or disapproval of the scheme

8. رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ

Registration Certificate

9. خانگي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ

Establishment and continuance of private institution

10. نئين پڙهائي يا تربيت جي ڪورس جي شروعات

Opening of new Course of Study or Training

11. سرٽيفڪيٽ جي معطلي يا رد ڪرڻ

Suspension or cancellation of Certificate

12. اپيل

Appeal

13. ڏنڊ

Penalty

14. ڏوهه تي دائره اختيار

Cognizance of Offence

15. اثرانداز ٿيڻ

Overriding effect

16. ضمانت

Indemnity

17. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.V OF 2001

سنڌ خانگي طبي تعليم جا ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001

THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

[20 جنوري 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي جي خانگي شعبي ۾ ڪجهہ ادارن جي انتظام ۽ ضابطي کي يقيني بڻايو ويندو.

جيئن تہ سنڌ صوبي جي خانگي شعبي ۾ طبي تعليم ڏيندڙ ڪجهہ ادارن جي انتظام ۽ ضابطي کي يقيني بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ خانگي طبي تعليم جا ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنز اٿارٽي؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "ادارو" مطلب ڪو پرائيويٽ ادارو ڪهڙي به نالي سان هجي، جيڪو طبي تعليم ڏئي رهيو هجي؛

(d) "طبي تعليم" مطلب ڪنهن هيلٿ سائنس يا شعبي ۾ ڊگري، ڊپلوما يا سرٽيفڪيٽ لاءِ طبي تعليم؛

(e) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(f) "رجسٽريشن اٿارٽي" مطلب هن آرڊيننس تحت حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڪو عملدار؛

(g) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(h) "اسڪيم" مطلب هڪ اسڪيم جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هڪ اداري جي جاري رکڻ جي قيام يا هن آرڊيننس تحت رجسٽر ٿيل اداري ۾ پڙهائي يا تربيت جو نئون ڪورس شامل جي اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ هجي؛

اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of

3.(1) حڪومت هڪ اٿارٽي قائم ڪندي، جنهن کي ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنس اٿارٽي سڏيو ويندو.

the Authority

(2) اٿارٽي چيئرمين تي مشتمل هوندي جيڪو حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ هيٺيان ميمبر ان ۾ شامل هوندا:

(a) سنڌ صحت ڪاتي جو سيڪريٽري يا سندس طرفان نامزد ڪيل جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي رتبي کان گهٽ نه هجي؛

(b) پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل جو هڪ نمائندو يا لاڳاپيل ايڪريڊيٽيشن باڊي جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيو وڃي؛

(c) پبلڪ يونيورسٽي جا ٻه نمائندا؛

(d) ميڊيڪل فيڪلٽي سان لاڳاپيل اسڪيم جي سلسلي ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو هڪ نمائندو؛

(e) ڊينٽل فيڪلٽي سان لاڳاپيل اسڪيم جي سلسلي ۾ پاڪستان ڊينٽل ايسوسيئيشن جو هڪ نمائندو؛

(f) حڪومت طرفان طبي شعبي سان لاڳاپيل ٻه ناميارا ماڻهو نامزد ڪيا ويندا.

اڳوات موجود اداري جي قيام يا جاري رکڻ کان منع

Prohibition against establishing or continuing an existing institution

4.ڪو به ادارو هن آرڊيننس جي گنجائش کانسواءِ قائم يا جاري نه رکيو ويندو.

ادارو قائم ڪرڻ يا

5.(1)ڪو شخص جيڪو دلچسپي رکندو هجي:

جاري رکڻ جي اجازت
Permission of establishing or continuing an institution

(a)ادارو قائم ڪرڻ ۾:
(b) اڳواٽ موجود ڪو ادارو جاري رکڻ ۾:
(c) هن آرڊيننس تحت رجسٽر ٿيل اداري ۾ پڙهائي جي نون ڪورسن جو اضافو ڪرڻ يا داخلا جي گنجائش وڌائڻ.
تہ اهو بيان ڪيل في ۽ ڪاغذن سان گڏ اسڪيم حڪومت کي جمع ڪرائيندو.
(2) اسڪيم جي ملڻ تي حڪومت اٿارٽي کي چئي سگهي ٿي يا اسڪيم ۾ بيان ڪيل معاملن جي جاچ ڪري سگهي ٿي ۽ سفارشن سان گڏ پنهنجانگي رپورٽ حڪومت ڏانهن اماڻي سگهي ٿي.
(3) جيڪڏهن اٿارٽي جي خيال ۾ اسڪيم ۾ نقص آهي يا وڌيڪ معلومات يا ڪاغذ گهربل آهن، تہ اٿارٽي لاڳاپيل شخص کي نقص درست ڪرڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي يا جيئن معاملو هجي، گهربل معلومات يا ڪاغذ وٺي ڪري سگهي ٿي.

طلب ڪرڻ ۽ اٿارٽي طرفان سفارش
Enquirer by and recommendation of the Authority

6.جتي اسڪيم مڪمل آهي، اٿارٽي اهڙي جاچ ڪري ڪانپوءِ، جيئن اها مناسب سمجهي، هيٺين معاملن کي نظر ۾ رکندي پنهنجون سفارشون حڪومت کي اماڻيندي:
(a) ڇا تجويز ڪيل يا اڳواٽ موجود ادارو پنهنجو قيام يا جاري رکڻ چاهي ٿو جيئن معاملو هجي، اهو پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل يا ڪنهن ٻي لاڳاپيل ايڪريڊيٽيشن باڊي طرفان بيان ڪيل گهٽ ۾ گهٽ معيار جي طبي تعليم ڏيڻ جي حالت ۾ آهي؛
(b) ڇا اهڙي اداري وٽ سٺي طريقي ڪم ڪرڻ ۽ تسليم ڪيل معيار موجب پڙهائي ۽ تربيت جا ڪورس هلائڻ لاءِ

جوڳا مالي وسيلا آهن؛

(c) ڇا اسپتال جون جوڳيون سهولتون، اهڙي اداري ۾ پڙهندڙ شاگردن جي انگ جي حساب سان يا پڙهائي يا تربيت جي ڪورس جي حوالي سان اسڪيم ۾ ڄاڻايل وقت دوران مهيا ڪيون ويندیون؛

(d) ڇا بيان ڪيل لياقت رکندڙ جوڳو ٽيچنگ اسٽاف مهيا ڪيو ويو آهي يا اسڪيم ۾ بيان ڪيل وقت دوران مهيا ڪيو ويندو؛

(e) ڇا اسٽاف، اوزارن، رهائش ۽ ٻين سهولتن سميت ضروري سهولتون اداري جي بهتر نموني ڪم ڪرڻ لاءِ مهيا ڪيون ويندیون يا پڙهائي ۽ تربيت جي نئين ڪورس کي هٿي وٺرائڻ يا وڌاوارو داخلا جي گنجائش کي سنڀالڻ جي سگهه هوندي يا اسڪيم ۾ ڄاڻايل وقت دوران مهيا ڪيون ويندیون؛

(f) ڪو ٻيو معاملو جيڪو ضروري هجي يا بيان ڪيو ويو هجي.

اسڪيم جي منظوري يا رد ڪرڻ

Approval or disapproval of the scheme

7.(1) حڪومت اسڪيم تي غور ڪرڻ کانپوءِ ۽ اٿارٽي جي سفارشن تي ۽ حاصل ڪرڻ کانپوءِ، جتي ضروري هجي اهڙا ٻيا تفصيل ۽ اهڙي جاچ ڪرائڻ کانپوءِ، جيئن لاڳاپيل شخص کان ضروري سمجهي، حڪم ذريعي اهڙي شرطن جي منظوري ڏيڻ جيئن اهو ضروري سمجهي يا اسڪيم کي نامنظور ڪري:

بشرطيڪ ڪا بہ اسڪيم تيستائين نامنظور نہ ڪئي ويندي جيستائين لاڳاپيل شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت حڪم جي نقل رجسٽريشن اٿارٽي ڪي آگاهي بعد لاڳاپيل ماڻهو ڪي ڏني ويندي.

(3) جتي اسڪيم جي منظوري ناهي ڏني وئي، اسڪيم سان گڏ جمع ڪيل فنڊ مان پنجاهہ سيڪڙو لاڳاپيل ماڻهو ڪي واپس ڪيو ويندو.

رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ
Registration Certificate

8. (1) جتي ڪا اسڪيم قائم ڪرڻي آهي يا ڪو ادارو جاري رکڻ جي منظوري ملي چڪي آهي، رجسٽريشن اٿارٽي ڄاڻايل طريقيڪار ۾ اداري کي رجسٽر ڪندي ۽ دفعہ 7 تحت جاري ڪيل حڪم ۾ بيان ڪيل شرطن موجب سرٽيفڪيٽ جاري ڪندي.

(2) اهو ماڻهو جنهن کي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ سرٽيفڪيٽ جي شرطن ۽ ضابطن تي عملدرآمد جو پابند هوندو.

خانگي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment and continuance of private institution

9. (1) ادارو جيڪو هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳواٽ موجود نہ هجي، اهو تڏهن ئي قائم ٿي سگهندو جڏهن دفعہ 7 تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو وڃي.

(2) ادارو جيڪو اڳواٽ موجود هجي، جنهن سلسلي ۾ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان نوي ڏينهن اندر اسڪيم ڏني وئي هجي، اهو اسڪيم جي نيڪال ٿيڻ تائين ڪم جاري رکي سگهندو پر جيڪڏهن اسڪيم منظور نہ ٿي ڪئي وڃي تہ اهو فوري طور ڪم بند ڪندو.

(3) اڳواٽ موجود ادارو جنهن جي سلسلي ۾ ڪا اسڪيم هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي نوي ڏينهن دوران جمع ناهي ڪرائي وئي، اهو عرصو پورو ٿيڻ کان پوءِ جاري نہ رکي سگهندو.

نئين پڙهائي يا تربيت جي ڪورس جي شروعات
Opening of new Course of Study or Training

10. جتي ڪنهن اداري کي پڙهائي ۽ تربيت جا نوان ڪورسز کولڻ جي اجازت ڏني وئي آهي يا ان جي داخلا جي گنجائش وڌائڻ جي اجازت ڏني وئي آهي تہ ادارو ان سلسلي ۾ تيستائين ڪو قدم نہ کڻندو جيستائين رجسٽريشن اٿارٽي اداري جي جاچ پڙتال ڪري ۽ پاڻ کي گهرجن مطابق مطمئن نہ ڪري ۽ داخلا جون شرطون ۽ پڙهائي جا ڪورس بشمول تربيت جي مڪمل نہ ٿين، جنهن ۾ ناڪام ٿيڻ تي، اجازت ختم ڪئي ويندي.

سرٽيفڪيٽ جي معطلي يا رد ڪرڻ
Suspension or cancellation of Certificate

11. جتي رجسٽريشن اٿارٽي شڪايت ملڻ تي يا ٻي صورت ۾، اهڙي جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا ڪرڻ کانپوءِ، جيئن اها مناسب سمجهي مطمئن آهي تہ هتي هن آرڊيننس جي ڪنهن بہ گنجائش، يا قاعدن يا سرٽيفڪيٽ جي شرطن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي، تہ اها لکت ۾ حڪم ذريعي سرٽيفڪيٽ کي معطل يا رد ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ جيڪڏهن نقص درستگي لائق آهي تہ لاڳاپيل شخص کي ان کي درست ڪرڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو ۽ جتي اهو نقص ڄاڻايل وقت دوران درست ڪيو وڃي ٿو تہ سرٽيفڪيٽ رد نہ ڪيو ويندو.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ماڻهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ معطل يا رد نہ ڪيو ويندو.

اپيل
Appeal

12. جيڪڏهن حڪومت کا اسڪيم نامنظور ڪري ٿي يا رجسٽريشن اٿارٽي ڪو سرٽيفڪيٽ معطل يا رد ڪري ٿي تہ لاڳاپيل شخص يا سرٽيفڪيٽ رکندڙ جيڪو حڪومت يا رجسٽريشن اٿارٽي جي حڪم سان متاثر ٿيو هجي، اهو اهڙي حڪم جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن اندر

حڪومت کي نظرثاني جي پٽيشن يا اپيل داخل ڪري سگهي ٿو. جيئن معاملو هجي، ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ رجسٽريشن اٿارٽي طرفان ان تي فوري طور عمل ڪيو ويندو.

ڏنڊ
Penalty

13. جيڪو به رجسٽريشن ڪانسواءِ ادارو هلائي ٿو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

ڏوهه تي دائره اختيار
Cognizance of Offence

14. ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪنهن به ڏوهه خلاف ڪارروائي جو دائره اختيار نه هوندو جيستائين رجسٽريشن اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ ان طرفان مجاز عملدار طرفان ان سلسلي ۾ شڪايت داخل ڪئي وڃي.

اثرانداز ٿيڻ
Overriding effect

15. هن آرڊيننس جون گنجائشون لاڳو ٿيندڙ جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون يا ڪنهن معاهدي جي دستاويز، تنظيم جي مول متن، ڊيڊ يا ڪنهن اداري جي ٻئي دستاويز جي متضاد نه هجي.

ضمانت
Indemnity

16. ڪو به مقدمو يا قانوني ڪارروائي هن آرڊيننس تحت سني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪنهن ڪم جي ارادي تي حڪومت، اٿارٽي، رجسٽريشن اٿارٽي يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف نه ٿيندا.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

17. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي